# پٺيل اکيون ۽ پوريل اکيون

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ

۱۴۱۳ھ / ۱۹۹۳ع

| | | |
|---|---|---|
| نئين ڇاپي جو پھريون ايڊيشن: | ١٩٦٣ع | ٢٠٠٠ ڪاپيون |
| نئين ڇاپي جو ٻيو ايڊيشن: | ١٩٧٣ع | ٢٠٠٠ ڪاپيون |
| نئين ڇاپي جو ٽيون ايڊيشن: | ١٩٨١ع | ٥٠٠٠ ڪاپيون |
| نئين ڇاپي جو چوٿون ايڊيشن: | ١٩٩٣ع | ٥٠٠٠ ڪاپيون |

[redacted]

[ [redacted]

Sindhi Adabi Board
Kitab Ghar, Hyderabad.
Price 25 X 7 77

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
(پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)
۽
سنڌ جا سمورا نامور ڪتب فروش

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو ۾ مئنيجر، ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو ۽ سيد امداد حسيني، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

## ١- پتيل اڪيون ۽ پوريل اڪيون

هڪڙي ڏينهن ماستر پنهنجي هڪڙي شاگرد کان پڇيو ته "خانو، اڄ تون ڪيڏي گهمڻ ويو هوئين؟" هن ورندي ڏني ته "سائين، درياء ڏي ويو هوس. پوءِ ٽَڪر جي متان انجڻ ڏسندو ۽ ڪناري وارن باغن مان گهمندو موٽي گهر آيس."

ماستر چيو ته "مزي جهڙي هوا ڪائي ۽ مزا ڏسندو آيو هوندين؟" خانوءَ چيو ته "سائين، ڪوئي مزو ڪونه هو، سُج جو پنڌ هو. ڪو به ماڻهو مون کي ڪونه گڏيو. انهيءَ کان شاهي سڙڪ ڏيئي وڃان ها ته چڱو هو."

ماستر چيو ته "جي تنهنجو مطلب ماڻهو، گهوڙا ۽ گڏهه ڏسڻ هو ته پوءِ برابر توکي شاهي سڙڪ سان اچڻ - وڃڻ گهربو هو؛ پر جانو توکي ڪونه گڏيو؟" خانوءَ چيو ته "اسين گڏجي نڪتا هئاسين، پر هو پُٺ تي رهجي ويو، تنهن ڪري آئون هن کي ڇڏي هليو ويس."

ماستر چيو ته "اها ارمان جي ڳالهه آهي. هو توسان سنگت رکيو هلي ها ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا وڃو ها." خانوءَ چيو ته "سائين، هو ڏاڍو ڍرو آهي، جيڪا شيءِ ڏسي تنهن تي بيهندو نهاريندو هلندو آهي." هن جي سنگت کان ائين ئي چڱو آهي. مون کي پڪ آهي ته هو اڃا ڪين موٽيو هوندو."

ماستر چيو تہ "اڇهو، جانو بہ تو اچي. ڪيئن جانو، تون ڪٿي هوئين؟" هن چيو تہ "سائين، درياءَ جي پاسي گهمڻ ويو هوس، پر ڏاڍا مزا هئا، جهنگ ئي جهنگ ڏيئي، ڳاهن منجهان لنگهي، درياءَ تائين ويس. اتان وري ٽَڪر جي چوٽيءَ تي انجڻ ڏسڻ ويس. اتان وري درياءَ جو ڪنارو ڏيئي، ٻنين منجهان لنگهندو گهر آيس."

ماستر چيو تہ "اتان تہ خانو بہ گهمي آيو آهي. چوي ٿو تہ ڪو بہ مزو ڪونہ هو، سُڃ جو پنڌ هو، ۽ سڙڪ سان وڃڻ کي وڌيڪ پسند ٿو ڪري؟" جانوءَ چيو تہ "اها حيرت جي ڳالهہ آهي. مون کي تہ هرهڪ قدم تي خوشي حاصل پئي ٿي. آئون عجيب غريب شين سان پنهنجو رومال ڀري گهر آيو آهيان." ماستر چيو تہ "تڏهن اسان کي انهن مزن ۽ عجيب غريب شين جو بيان ڪري ٻڌاءِ تہ ڀلي خانو بہ ٻڌي."

جانوءَ چيو تہ "حاضر سائين. هتان نڪتاسين تہ جيڪا گهٽي شهر کان ٻاهر تائين ٿي وڃي، سا سوڙهي ۽ واريا سي آهي؛ تنهن ڪري آئون تڪڙو اتان نڪري ويس. انهيءَ هوندي بہ ٻاهرئين لوڙهي وٽ هڪڙي ٻير ڏٺم، جنهن تي سايون تندون چار وانگي پکڙيون پيون هيون، ڏٺيون بہ وڻ کان ڌار ٿي. اڇها انهيءَ جي هڪڙي تاري مون وٽ موجود آهي."

ماستر اها ڏسي چيو تہ "اها "بي پاڙي" ول اٿيئي. اها انهيءَ لاءِ مشهور آهي تہ پنهنجي منهن نہ ٿيندي آهي، پر ٻين وڻن تي ٿيندي آهي. انهن جي پنن ۽ تارين مان رس ۽ پاڻي پي، وڌندي ۽

پيا ڪي نئين قسم جا پکي ڏٺم. هڪڙو ننڍڙو تتر جي قسم جو پکي ڏٺم، جو جڏهن آواز ڪري متان وجي پيوسانس، تڏهن اُڏاڻو، پر ڏاڍو سهڻو ۽ مزي جهڙو هوا!"

ماستر چيو ته "اهو "ٻٽيرو" اٿئي. فصل ٻٽيرو به چوندا اٿس. "پٽ تتر" ننڍو ٿيندو آهي، پر ٻٽيرو انهيءَ کان به ننڍو ٿيندو آهي. شڪاري انهن کي مشڪلات سان ماري سگهندا آهن، جو سندن پيرن مان ٻُرڪ ڏيئي اُڏامندا آهن. پر انهن جو گوشت کائڻ ۾ چڱو سمجهندا آهن. اهي اڪثر ولر ڪري رهندا آهن ۽ کليل ميدانن تي گذاريندا آهن."

جانوءَ چيو ته "هڪڙي هنڌ وري تورو پاڻي بيٺل هو، اتي وري ڪيترائي "ٽيٽيهر" ڏٺم، جي ڊگهين ٽنگن سان تا تين ۽ سهڻا به آهن. "ٽِي ٽي، ٽي، ٽي، هُپ" ڪندا منهنجي متان تي اُڏاڻا ۽ پوءِ وري وڃي اڳيان تي ويٺا. وري جڏهن اتي تي آيس، تڏهن وري به اها ٻولي ڪري اڏامي اڳتي تي ويا."

ماستر ڪلي چيو ته "اهي پکي ڏاڍا ٺڳ ٿيندا آهن. ماڻهن کي ٺڳاري نئي، وڏي پاڻيءَ يا گپ ۾ وجهندا آهن. هو سنئين زمين تي پنهنجا آکيرا ناهيندا آهن، پڏر تي آنا لاهيندا آهن ۽ ماديون انهن تي آرو ڪنديون آهن. اهي پري کان پيا ڏسبا آهن. بعضي هڪڙي ٽنگ تي بيهندا آهن ۽ منڊڪائي هلندا آهن. تنهن ڪري ماڻهن کي لالچائي ٻئي پاسي وٺي ويندا آهن ته سندن آکيرن کان پاسي ٿين."

جانوءَ چيو ته "مون کي اها خبر هجي ها ته چڱو هو، ڇا لاءِ جو

آئون هنن جي پٽيان تمام پري وڃي نڪتس. اتي هڪڙو ٻيو ماڻهو ۽ ڇوڪر ڏٺم، جن لاٽي پئي وڌي. انهن سان ٻيهي، ڪجھ تائين ڳالهيون ڪيم ۽ پڇيومان ته ”لاٽيءَ ڪي ڇا ڪندؤ؟“ هنن مون کي سارو بيان ڪري ٻڌايو ته لاٽيءَ کي ڪيئن ساڙي ڪار جوڙيندا آهيون. اها کهڙي اگھ وڪامندي آهي ۽ کهڙي ڪم ايندي آهي. هنن مون کي هڪڙو ننڍڙو نانگ ڏيکاريو، جو مون اڳي ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. ڪِرڙيءَ جيڏو مس هو.“

ماستر چيو ته ”برابر اهڙا نانگ پوسل وارين جاين تي ليندا آهن. شڪ ئي نه پوندو آهي ته ڪِرڙي آهي يا نانگ آهي. انهيءَ کي ”هڻ ڪڻ“ چوندا آهن. ننڍڙو آهي، پر ڏاڍو زهري آهي. جوڳي به ڏاڍي مشڪلات سان انهيءَ کي وٺندا آهن. چوندا آهن ته اهو ٻي - پِيرو يا ٻي ڳُرو نانگ آهي. جنهن کي اهي نانگ ڏنگيندا آهن، سو اصل ڪين بچندو آهي.“

جانوءَ چيو ته ”سائين، تنهن کان پوءِ آئون ٽڪر تي چڙهيس، جنهن جي چوٽيءَ تي انجڻ بيٺل آهي. جڏهن چوٽيءَ تي چڙهي ويس، تڏهن چوڌاري ملڪ جو نظارو ڏٺم. سارو شهر اتان پيو ڏسجي، ڇڻ ته پيرن هيٺ بيٺو آهي. درياء به اتان پري تائين پيو ڏسجي، ڇڻ ته ڪو اڇو يا چمڪندڙ ليڪو يا نانگ آهي، جو ور وڪڙ ڏيو پيو وڃي. ان جي ڪنارن سان باغ، وڻ ۽ ساوا ميدان پئي ڏٺا. پري کان آسپاس جا ڳوٺ به پئي ڏٺا. ارادو اٿم ته ڪنهن ڏينهن تَر جو نقشو ڪٽي ويندس ۽ ننڍڙي دوربيني به کنيو ويندس؛ وڃي نشان پيٽيندس ۽ زياده چٽائيءَ سان ڏسندس.“

ماستر چيو ته "ائين بهتر ٿيندو. بلڪ جي تو مون کي خبر ڏني ته آئون به توسان گڏيو هلندس ۽ توکي سمجهائيندس." جانوءَ چيو ته "مهرباني اوهان جي. پوءِ سائين، منهنجي دل ۾ آيو ته انهيءَ ٽَڪر تي جيڪي وڏا قبا ۽ ٻيا قديم نشان آهن، سي گهمي ڏسان. جيڪي ويجها ويجها هئا، سي وڃي ڏٺم. ڪي قديم قبرون هيون، جن جي پهڻن تي نالا ۽ سال لکيل هئا، جن جو تواريخ ۾ به بيان پڙهيو هوم، سي پينسل سان لکي ورتم، جو آئون اهڙي ڪم لاءِ اڪثر ڪاغذ ۽ پينسل کيسي ۾ کڻندو آهيان."

ماستر چيو ته "چڱو ڪيئي. انهيءَ ٽَڪر تي تمام قديم قبا ۽ قبرون آهن، ۽ آهن به مشهور حاڪمن ۽ اوليائن جون، پر هينئر انهن جي گهڻي سنڀال ڪانه ٿي ٿئي. ڀلا پوءِ ڪيڏي وئين؟" جانوءَ چيو ته "سائين، پوءِ ٽڪر تان لهي ساون وڻن مان لنگهندو هڪڙي نهر جي ڪناري تي آيس جا درياءَ ۾ ٿي پوي. انهيءَ جي ڪناري تي سَر ۽ ڪانهن جهنگ ڪيو بيٺا هئا. گل ڪيا هئائون، سي ڏاڍا سهڻا ٿي لڳا. انهن مان چاقوءَ سان ڪي قلم به وڍي ڪنيم، ۽ هڪڙو وڏو سَرَ جو گُل به وڍيم، جو پنهنجي گهر هڪڙي ڪونڊيءَ ۾ هڻي ڇڏيو اٿم.

"اڃا اتي بيٺو هوس ته پاسي ۾ ڪڙڪو ٻڌم. ڏسان ته هڪڙو وڏو ڪُئو نڪتو جو ٽپ ڏئي، وڃي پاڻيءَ ۾ پيو ۽ تري وڃي پار نڪتو. مون اڳي ڪڏهن ڪنهن ڪئي کي پاڻيءَ ۾ ترندو ڪونه ڏٺو هو. ڏاڍو عجب لڳم." ماستر چيو ته "اهي پاڻيءَ جا ڪئا ٿيندا آهن، جيئن پاڻيءَ جا نانگ به ٿيندا آهن. اهي ڪئا، سارين جي

جانوءَ چيو تہ ”اُنھن کان سواءِ بيشمار ”ابابيل“ بہ ھئا، جي ولر کيو ھوا ۾ پئي اڏاڻا ۽ ٻوليون پئي کيائون ۽ ھڪٻئي ۾ رانديون پئي کيائون. اڳيرو وري ھڪڙو ماڻھو ٻيڙيءَ ۾ ھو، جنھن مڇيون پئي ماريون. نيزي جھڙي شيءِ ھٿ ۾ ھيس، اھا اڇلي تي ھنيائين تہ وڏي مڇي انھيءَ ۾ ٽنبجيو پئي آئي.“ ماستر چيو تہ ”انھيءَ اوزار کي ڇِتِ چوندا آھن. انھيءَ سان مھاڻا ڏنيرا، گوجون ۽ ڄرڪا ماريندا آھن.“

جانوءَ چيو تہ ”سائين، آئون اڃا اتي ئي بيٺو ھوس تہ مٿان ٻہ تمام وڏا پکي ڊگھين ٽنگن سان اچي لٿا. گوڏي جيڏي پاڻيءَ ۾ گھمندا وتيا، ۽ ڊگھيون چھنبون پاڻيءَ ۾ وجھيو مڇيون ڪڍيو تي اڏاڻا. ٻنھي ائين تي ڪيو. پوءِ پري وڃي ويھي اتي ڪائڻ لڳا.“ ماستر چيو تہ ”اھي ”ڪُھنگ“ ھوندا يا ’سانھيون“ ھونديون. اھي ”ڪونجن“ جي جماعت مان آھن، مگر ڪونجون اڪثر جبل ۾ گذاريندڙيون آھن ۽ پاڻيءَ جي ڏينھن ۾ ھيٺ لھنديون آھن؛ پر ڪھنگ ۽ سانھيون ڍنڍ جا پکي آھن.“

جانوءَ چيو تہ ”پوءِ آئون ٻنين منجھان لنگھندو گھر ڏي موٽيس تہ واٽ تي بيشمار اڇا تتر، ڪارڙا تتر ۽ پٽ تتر اڏامندا ڏٺم. ڪڪرن وانگي ولر ڪيو پئي اڏاڻا. اڏامي اڏامي ورپو ويھو تي رھيا. گھر ڏي ايندي ھڪڙي ڍنڍ جي پاسي کان لنگھيس، انھيءَ جي ڪناري سان ڏاڍا سھڻا ڪوڏ ۽ مزي جھڙيون ڪوڏيون ۽ سِپڙيون ڏسڻ ۾ آيون: اھي ويھي چونڊيم. ھڪڙو وڏو پٿر ھٿ آيم، جنھن ۾ اھي تمام گھڻيون لڳيون پيون ھيون. خبر ناھي تہ

اهي سمنڊ جون شيون اتي ڪيئن آيون!"

ماستر چيو ته "اها خبر رڳي توکي ناهي، پر گهڻا عالم انهيءَ ۾ حيران آهن. اهڙيون سمنڊ جون شيون نه رڳو زمين تي تيون ڏسجن، پر وڏن جبلن جي چوٽين تي به ڏسڻ ۾ آيون آهن، جي سمنڊ کان پري آهن. انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي ته ڌرتيءَ جي اڳوڻي حالت هاڻوڪيءَ کان ٻيءَ طرح جي هئي. پر انهيءَ کي ڪيترين صديون گذريون آهن، سو چئي نٿو سگهجي."

جانوءَ چيو ته "سچ به لهڻ تي هو ته آئون پنهنجي گهر جي پاسي واري مٿانهين ميدان تي اچي پهتس. الهندي ڏي نظر ڪيم ته شفق جو اهڙو مزي جهڙو نماءُ ڏسڻ ۾ آيم، جو ڳالهه ڪرڻ کان ٻاهر. انهيءَ جي ڏٺي دل پئي خوش ٿي. نظر ڪندي سج به هيٺ ٿيي هٽي ويو. جيڪي تورا گهڻا ڪڪر بيٺل هئا، سي ڳاڙها، پيلا، واڱڻائي، ساوا ۽ ٻين قِسن گُوڙهن رنگن جا نظر پئي آيا. لهڻ مهل سج به ايڏو وڏو ڏسڻ ۾ آيو جو ٻنپهرن جي سج کان ٻيڻو - ٽيڻو پئي ڏٺو!"

ماستر چيو ته "برابر ائين آهي. چنڊ به اهڙيءَ طرح اُيرڻ ۽ لهڻ وقت وڏو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هنن جو ڪو سچ پچ قد وڏو نٿو ٿئي، رڳو ڏسڻ ۾ نِنڍا ۽ وڏا ٿا اچن. اهو اسان جي اکين جو ڦير آهي. جڏهن تون روشنائيءَ بابت وڌيڪ بيان پڙهندين، تڏهن توکي اها ساري حقيقت معلوم ٿيندي. پر جانو، ڏس ته هن پوئين پهر ۾، تو هوا کائيندي، ڪهڙا نه مزا ڏٺا آهن، سبق پڙهيا آهن ۽ آزمودا حاصل ڪيا آهن. خانو، ڇا توکي اهي تماشا ڏسڻ ۾ نه آيا؟"

خانوءِ ورندي ڏني تہ ”سائين، انهن مان ڪي مون ڏٺا برابر هئا، پر ڏانهُن ڏيان ڪونہ ڏنم.“ ماستر پڇيو تہ ”ڇو نہ ڏنئي؟“ هن چيو تہ ”اهو آئون چئي نٿو سگهان. اهڙين شين جو آئون خيال ڪونہ رکندو آهيان. مون کي ڳڻتي تيندي آهي تہ جلد پنڌ ڪري گهر موٽي اچان.“ ماستر چيو تہ ”ائين تڏهن ڪرين ها، جڏهن توکي ڪنهن پيغام ڏيڻ لاءِ موڪلجي ها؛ پر جڏهن تون هوا کائڻ ۽ دل وندرائڻ جي لاءِ نڪتو هوئين، تڏهن جيتريون گهٽيون مزي جهڙيون شيون ڏسي سگهڻ جون هيون، سي ڏسين ها.“

”انهيءَ طرح دنيا ۾ هڪڙو ماڻهو اکيون پٽي تو هلي، ۽ ٻيو اکيون پوري تو هلي. هڪڙو گهڻو ئي ڪي ڏسي وائسي سگهي ٿو، ٻيو ڪجهہ بہ ڪين ٿو ڏسي يا ڄاڻي. مون سمنڊ جا گهڻا خلاصي ڏٺا آهن، جي دنيا جي گهڻن ڀاڱن تي ويا آهن، پر پڇڻ تي رڳو شرابخانن يا ڳُتن جا ڏس ڏيندا ۽ شراب جو اگهہ ٻڌائيندا. ساڳيءَ طرح گهڻائي جوان، دولتمند ماڻهو ملڪن جي سير تي نڪرن ٿا، جي ڪابہ مزي جي شيءِ ڪانہ ٿا ڏسن؛ پر گهڻا اهڙا آهن، جو پنهنجي آسپاس ٻهراڙيءَ ۾ بہ لکين عجيب غريب شيون ٿا ڏسن.“

●

## ٢ـ سگهڙپائي ۽ چيڳرائي

حسينا نالي هڪڙي هوشيار ۽ چڱي ڇوڪري هوندي هئي، پر اڪثر بيپرواهہ ۽ بيخيال رهندي هئي. پنهنجا سبق برابر ياد

ڪندي هئي، پر پنهنجي سامان گڏ ڪرڻ ۾ ايترو گهڻو وقت لڳائيندي هئي، جيترو پنهنجي ڪم ڪرڻ ۾ لڳائيندي هئي. جي ڪو سبڻ جو ڪم ڪرڻو هوندو هوس ته هڪڙي هنڌان ڳولي وجي پنهنجي ڪم واري ڇپي ڪڍندي هئي، ٻئي هنڌان وجي سئي ڌاڳو ڪڍندي هئي. قئنچي سندس ڪوٽ جي کيسي ۾ پئي هوندي هئي ته انگشتان ڪتولي جي هيٺان پيو رلندو هو.

جڏهن وري مشق لکڻي هوندي هيس، تڏهن ڪاپي ـ بڪ نه ليندو هوس، مس جي ڪپڙيءَ ۾ مس نه هوندي هيس، قلم ڀڳا پيا هوندا هئس يا ته ڪنهن پيتيءَ جي پٺيان ڪِريا پيا هوندا هئس. سليٽ هڪڙي ڪنڊ ۾ هوندي هئي ته سليٽ جو قلم ٻيءَ ڪنڊ ۾. جيڪو ڪتاب پڙهڻو هوندو هوس، انهيءَ جي بدران ٻيو پيو هٿ لڳندو هوس. اها خبر ڪانه هوندي هيس ته ڪهڙي شيءِ ڪهڙي هنڌ آهي. ضرورت مهل انهيءَ جي ڳولي هٿ ڪرڻ ۾ ئي وقت ويندو هوس.

حسينا جي ماءُ هن کي سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پئي هئي، تنهن ڪري هن انهيءَ کي پنهنجي هڪڙيءَ مائٽياڻيءَ ڏي موڪليو، جا ٻهراڙيءَ ۾ رهندي هئي. هوءَ ٻڍي زال هئي ۽ تمام چڱي طبيعت واري هئي، پر ٻارن تي سخت نظر رکندي هئي. اتي هوءَ ماني کائڻ کان پوءِ حسينا کي هڪڙي ڪوٺي ۾ بند ڪري ويهاريندي هئي. جڏهن هوءَ پنهنجو مقرر ڪم پورو ڪندي هئي، تڏهن ٻاهر نڪرڻ جي موڪل ملندي هيس.

انهيءَ هنڌ ٻهراڙيءَ ۾ ڪي پريون رهنديون هيون. انهن مان

هڪڙيءَ جو نالو هو چيگرائي. اُها اڪثر ڪري حسينا کي اچي هلاڪ ڪندي هئي. اها هئي سا پري، مگر جنڙيءَ جهڙي شڪل هيس. بدشڪل هوندي هئي. وار منهن تي پکڙيا پيا هوندا هئس. ڪپڙا بہ اڪثر قاتل ۽ ميرا هوندا هئس ۽ پيل بہ اُبتا سبتا هوندا هئس. اها پري، ماڻهوءَ جي صورت ۾ انهيءَ ٻڍيءَ زال وٽ رهندي هئي، انهيءَ جي هٿان هوءَ حسينا کان ڪم ڪرائيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن صبح جو اها پري، هڪڙي ڳوٿري کڻي آئي، جنهن ۾ پَٽ جا ڏاڳا، جدا جدا رنگن جا پاڻ ۾ گڏيا اٽڪيا پيا هئا، ۽ پرڻ لاءِ نموني جو هڪڙو گل بہ پريل منجهس پيو هو. ڏاڍو عمدو پريل هو، منجهس سڀ رنگ ڏاڍا سهڻا پريل هئا. حسينا کي ڳوٿري ڏيئي چيائين تہ "بابا هان وٺ، هي گل منهنجي مائيءَ توکي ڏنو آهي، چيو اٿس تہ ڏنل نموني جهڙو گل پري پوءِ مانيءَ لاءِ هيٺ لهہ. هن ڳوٿريءَ ۾ سڀ شيون موجود اٿئي."

حسينا ڳوٿري کولي نموني جو گل ڪڍيو. پوءِ ڳوٿري اونڌي ڪيائين تہ سڀ پَٽ، ڳڙ وانگي ڳنڍيو پيو هو. پهرين هڪڙو ـ بہ رنگ منجهائنس چڪي ڪڍي نموني تي گل پرڻ شروع ڪيائين، پر نموني تي نظر ڪرڻ سان ہين ہين رنگن جي پٽ جي کهرج تيس. وري انهي ڊِگهڙيءَ مان اُهو رنگ ڳولي، اُهو تي پريائين. انهيءَ طرح ْهن کي انهيءَ جي ڳولي لهڻ ۾ گهڻو وقت تي لڳو. حسينا ڏٺو تہ انهيءَ طرح گل جي پوري ڪرڻ ۾ ڪلاڪن جي تہ جاءِ ناهي، ڏينهن لڳي ويندا. هن ٻڍي زال جي

چڙہن جو بہ خيال تيس، ۽ مانيءَ جي مھل بہ وئي ويجھي پوندي، تنھن ڪري ڪمر بند ڪري ويھي روئڻ لڳي. سگھو ئي ڪنھن ماڻھوءَ جو ڏاڪڻ تان متي ماڙيءَ تي اچڻ جو دہڪو ٻڌائين.

اکين تان رومال لاٿائين تہ ھڪڙي صاف چڱن ڪپڙن ۾ جوان زال پاڻ ڏي ايندي ڏٺائين.جڏھن ھوءَ وٽس آئي، تڏھن چوڻ لڳيس تہ "ڏيءَ، مون تنھنجو روئڻ ٻڌو، تڏھن آيس. تون چڱي چوڪري ٿي ڏسجين، آئون توکي مدد ڏيڻ لاءِ آئي آھيان. منھنجو نالو سگھڙپائي آھي. تنھنجي ماءُ مون کي سڃاڻي ٿي، پر تو مون کي ھي پھريون ڀيرو ڏٺو آھي. اميد آھي تہ اڳتي پاڻ ۾ ھئي ھڪبئي جون زياده واقف ٿينديونسين."

ائين چئي پوءِ ھڪڙي ڪاٺي ڪڍي، پَٽ جي منجھيل ڍيري، جا سندس اڳيان ميز تي پئي ھئي، تنھن کي ٽوڪيائين تہ ھڪدم ھرھڪ رنگ جو پٽ ڌار ٿي پيو ۽ سنئون سڌو ٿي پئجي رھيو. ٿِڪا ۽ ھلڪا رنگ، ڳُوڙھن جي پاسي ۾ پئجي رھيا. پوءِ انھيءَ دم اھا پري اڏامي گم ٿي ويئي. حسينا پھرين تہ حيران ٿي وئي، پوءِ آسانيءَ سان ويھي پڙڻ لڳي، جھٽ ۾ مانيءَ جي وقت کان اڳي گل پورو ڪري ڇڏيائين، جو ھن ٻڌي مائي کي ڏاڍو وڻيو ۽ انھيءَ شاباس ڏنيس.

ٻئي ڏينھن ھوءَ بدمزاج وري ھڪڙو ڪتاب ڪڇ ۾ ڪري حسينا وٽ آئي. چوڻ لڳي تہ "ھي منھنجي ڏياٽيءَ جي گھر جي حساب جو ڪتاب آھي. چوي ٿي تہ ٻنپھرن جي مانيءَ کان اڳي،

هن مان هڪڙي ڪاغذ تي گذريل سال ۾ جيڪو خرچ ٿيو آهي، سو ڪيي ڏار ڪري ۽ تفصيل ڏي ته ڇا ڪاڏي پيتي تي خرچ ٿيو، ڇا ڪپڙي گنديءَ تي، ڇا ڀاڄي وغيره تي، ۽ سنيال ڪج، ڪابه رقم ننڍي يا وڏي خرچ ٿيل رهجي نه وڃي. هي ڪاغذ اٿئي." ائين چئي، هوءَ هلي وئي.

حسينا هي ڪم ٻڌي، پهرين ته ڊڄي وئي. ڪتاب پٽي ڏٺائين ته سڀ صفحا پريا پيا آهن، ۽ سڀ رقمون گڏ لکيون پيئيون آهن. دفعا دفعا ڏار ٿيل ۽ لکيل ناهن. منجهي پيئي. ويچاري چوڻ لڳي ته "هاڻ ڪيئن ڪريان! شروع ڪٿان ڪريان؟ هڪڙي هڪڙي قسم يا دفعي جون رقمون ڪيئن چونڊي گڏ ڪريان! خدا ڪري ته هوءَ منهنجي نيڪ پري منهنجي مدد لاءِ اچي، نه ته آئون ڪم ڪري نه سگهنديس."

هن اجا ايترو چيو ته ڏسي ته سگھڙپائي پري سندس پاسي ۾ بيٺي آهي. چوڻ لڳيس ته "پياري ڊڄ نه، هي ڪم مشڪل ڪين آهي. مون کي تنهنجي دل جو خيال معلوم ٿيو ۽ انهيءَ دم اچي نڪتيس. مون کي اهو ڪتاب ڏيکار؟" پوءِ ڪتاب وٺي، ورق اٿلائي، چوڻ لڳي ته "منهنجي ضد واري، پري - چيگرائيءَ توکي ڄاڻي ٻجهي مونجهاري ۾ وڌو آهي. روزنامي جو ڪتاب توکي آڻي ڏنو اٿس، پر ڪاتا- وهي يا کاتن ۽ دفعن جو ڪتاب توکي آڻي نه ڏنو اٿس، جنهن مان اهڙو تفصيل آسانيءَ سان نڪري سگهجڻو آهي. پر تون دلجاءِ ڪر، آئون اهو توکي آڻي ٿي ڏيان."

پوءِ ويئي ۽ سگهو ئي وڃي اهو ڪتاب کڻي آئي، ۽

ڏيڪاريائينس ته هرهڪ صفحي جي چوٽيءَ تي سيڪا شيءِ دفعي وار لکيل آهي. سيڌي سامان جو صفحو، قاصائي جو، ڪاڇين جو، ڌوٻيءَ جو وغيره. هن کي رڳو هيٺيان جوڙ يا انگ ملائڻا هئا، ۽ وڏو جوڙ ڪڍڻو هو. حسينا کي جوڙ - ڪٽ چڱي ايندي هئي، تنهن جهٽ ۾ رقمون هڪٻئي هيٺان لکي، جوڙ ڏيئي ڪم لاهي ڇڏيو. اهو ڪاغذ مائيءَ جي مٿهل ڪٽي وڃي انهيءَ مائيءَ کي ڏنائين، جا ڏسي خوش ٿي ۽ وري به ڪيس آفرين ڏنائين.

ٻئي ڏينهن انهيءَ حرڪتڻ پريءَ وري هڪڙي صندوقڙي آڻي ڏنيس، جنهن ۾ بندوق جون ڪاغذي ٽڪليون يا ٽڪيون هيون، جن تي الف - بي جا سڀ اکر لکيل هئا. صندوقڙي انهن اکرن سان ڀري پئي هئي. حسينا کي چوڻ لڳي ته "مائي، هي وڏيءَ مائيءَ ڏني اٿيئي ۽ هن ڪاغذ تي شعر لکيل آهن. هن پيتيءَ مان اکر چونڊي، هنن شعرن موجب سٽون بيهاري، ميز تي رکي وڃ. پر مائيءَ کان اڳ اهو ڪم ڪجانءِ."

حسينا ڀرين سمجهيو ته اهو ڪم آسان آهي، پر جڏهن ڪم ۾ هٿ وڌائين، تڏهن معلوم ٿيس ته هرهڪ اکر ڳولي ڪڍڻ ۾ ڏاڍو وقت ٿي لڳو. شعر گهڻا هئا. انهيءَ رستي هن چاتو ته سج لهي ويندو. وري به بي آرام ۽ تنگ ٿي، دل ۾ پنهنجي مددگار پريءَ کي ياد ڪيائين، جا انهيءَ دم اچي حاضر ٿي. هن پنهنجي جادوءَ جي لڪڙيءَ سان اکرن يا ٽڪلين کي ٺوڪ ڏني ته هڪ جهڙا اکر سڀ گڏجي ڌار ڌار ڍِڳيون ٿي پيا، يعني الف جدا، ٻي

جدا. وري رکجي بہ الف ـ بي وار ويا. تنهن کري حسينا کي لفظن بنائڻ ۾ دير ئي ڪانہ ٿي. مانيءَ جي وقت کان اڳي شعر تيار ڪري ميز تي رکي ويئي، ۽ وچي مائيءَ کي سڏي آڏي ڏيکاريائين. جا ڏاڍي خوش ٿي ۽ کيس پيار ڪيائين.

چوڻ لڳيس تہ "حسينا، هاڻ تون هشيار ۽ سگهڙ ڇوڪري ٿي آهين. هاڻ توکي معلوم ٿيو هوندو تہ ڇيچڙائي مان ڪيتري نہ مشڪلات ۽ ڏکيائي پيدا ٿي ٿئي، سگهڙپائي ڪيتري نہ سولائي ۽ آساني موجود ڪري ٿي ڏئي. هاڻ اڳتي آئون توکي ڪو مشڪل ڪم ڪين چونديس. تون سواءِ آزمائش جي مون کي اڳتي منهنجي ڪم ۾ مدد ڪري سگهندينءَ." تنهن کان پوءِ حسينا محنت ڪري، سيکو ڪم اچي اهڙي خبرداري، چالاڪي ۽ سنائي سان ڪندي هئي، جو هوءَ مائي منجهانئس هر طرح راضي ٿي. ڪن ڏينهن کان پوءِ هن کي پنهنجي ماءُ ڏي ڏياري موڪليائين، ۽ ڪيتريون ئي مزي مزي جهڙيون شيون انعام ڏنائينس.

## ٣. مصيبت جي وقت صبر ۽ تحمل

هڪڙو ڇوڪر جارج نالي ڏاڍي چڱي طبعيت وارو ۽ مزي جهڙو هو. مگر منجهس هڪڙو عيب هوندو هو. اهو هي تہ هن کي صبر ۽ تحمل ڪونہ هوندو هو. جيڪو بہ ڪم ڪندو هو سو ڏاڍي

شوق سان ڪندو هو، پر جي انهيءَ ۾ ڪا روڪ يا حرڪت ٿيندي هئي ته هو اهڙو خفي ۽ بيزار ٿيندو هو، جو چڙي، اُهو ڪم ڇڏي ڏيندو هو ۽ وري انهيءَ کي هٿ نه لائيندو هو.

هن جي پيءُ، مسٽر ڪارلٽن پنهنجي باغيچي ۾ هن کي هڪڙو ٻارو ڏنو هو ته انهيءَ ۾ هو، پنهنجي مرضي موجب گل ڦل ۽ ٻاڄيون - ٻُٽيون پوکي. اهو ڪم هو ڏاڍي خوشيءَ سان ڪندو هو. اُنهيءَ ٻاري جي ڪنارن سان هن جدا جدا رنگن جا گل رکيا هئا. ٻاري جي  چ ۾ هڪڙو وڏو گلاب جو گل رکيل هو. انهيءَ جي آسپاس ساوڪ لاءِ ڇېر ۽ ڪي ٻيا ٻوٽا هٽي ڇڏيا هئائين، پر انهيءَ گلاب تي هو مست هوندو هو ۽ ان جي ڏاڍي سنڀال ڪندو هو.

هڪڙي ڏينهن اتفاق سان باغيچي جو در کليل رهجي ويو هو، تنهن مان پاسي واري گهر منجهان ڪي پاليل سوئر لنگهي آيا، گلن ۽ ٻوٽن کي لتاڙي ڪوٽي خراب ڪري ڇڏيائون. جڏهن جارج جي هنن تي نظر پئي، تڏهن هن ۽ هڪڙي نوڪر هڪدم انهن کي هڪالي ڪڍيو. پر لنگهندي، هو جارج جي ٻاري کي لتاڙيندا پڇي ويا. جيڪي گل بيٺا هئا سي ته ڪيرائي ڇڏيائون، پر وچ واري گلاب جي وڻ کي به ڪيرائي هليا ويا.

جڏهن جارج پنهنجي ٻاري جو ۽ خاص پنهنجي گلاب جو اهو حال ڏٺو، تڏهن ڏاڍو ڪاوڙيو. ڇڙ ۽ ڏک کان ڪي به ڳالهائي نٿي سگهيو. ٿورو وقت ماٺ ۽ غم ۾ بيهي بيهي، پوءِ ڪوڏر ڪٽي سڀ ٻِگل گل ۽ پٽيل ٻوٽا انهيءَ ۾ پوري زمين سنئين ڪري

چڏيائين. ائين ڪري، پوءِ اچي روئڻ ۾ چٽڪيو ۽ روئندو باغيچي مان نڪري هليو ويو.

پري ڪان مسٽر ڪارلٽن ويٺي ڏٺو. تنهن کي پنهنجي پٽ جو حال ڏسي ڏاڍو افسوس ٿيو. دل ۾ چيائين ته "هن عمر ۾ جڏهن ٻار کي پنهنجي ڪاوڙ مارڻ جي طاقت نٿي ٿئي، تڏهن وڏي هوندي هو دنيا ۾ ڪيئن سکيو گذاري سگهندو؟" انهيءَ وقت ته ڪي به ڪين ڪچيائين؛ پر شام جو هو پٽ کي پاڻ سان وٺي هوا کائڻ ويو. هڪڙي وڏي گاهه واري ميدان جي ڀُر پر ٻنيون هيون، جتي هڪڙو زميندار رهندو هو.

انهيءَ جي گهر سان لڳ هڪڙو ننڍو باغيچو به هو. جنهن ۾ گلن ۽ ميون جا وڻ به هئا، ۽ لوڙهن تي مزي جهڙيون وليون چڙهيل هيون. هڪڙو ڪاٺ به ڪتل هو، جنهن تي ماڪيءَ جي مکين جو مانارو رکيل هو. پاسي ۾ ڍورن جي بيهڻ جا منهه هئا. انهيءَ مهل پري ڪان ڳئون پنهنجي وٿاڻ تي ٿي آيون. اهو سارو بندوبست ڏسي جارج ڏاڍو خوش ٿيو.

پٽس چيو ته "هي گهر ۽ هي ٻنيون هڪڙي اهڙي ماڻهوءَ جون آهن، جنهن تمام گهڻيون مصيبتون ڏٺيون آهن. هي جيڪي ڏسين ٿو، سو سڀ هن جي صبر، تحمل، اڻٿڪ محنت جو نتيجو ۽ انعام آهي. آئون هن جو ٿورو گهڻو واقف آهيان، پر هاڻ هن وٽ لنگهي ٿا هلون، هلي تازو ڏڌل کير گهري ٿا پيون. چونڊاسينس به ته پنهنجي حياتي جو احوال اسان کي ٻڌائي."

ان موجب هو لنگهي انهيءَ زميندار وٽ ويا، جنهن جو نالو

مسٽر هارڊمن هو. جڏهن هڪ ٻئي سان خوش خيرعافيت ڪري ويٺا، تڏهن مسٽر ڪارلٽن چيو ته "مسٽر هارڊمن، مون اوهان جن جاڪوڙن، ڪشالن، عجيب غريب ڪمن ۽ مشڪل مسافرين جو گهڻو ذڪر ٻڌو آهي. جيڪڏهن اوهين مهرباني ڪري پنهنجو احوال مون کي ۽ منهنجي پٽ کي ٻڌائيندا ته اسين اوهان جا شڪرگذار ٿينداسين."

هن چيو ته "سائين، منهنجو احوال اهڙو عجيب غريب ناهي جو ٻڌائڻ جي لائق هجي. البت دنيا جا نشيب ـ فراز ڏٺا اٿم، ۽ زماني جي گردش سٺي اٿم، جيئن گهڻن ٻين به ڪيو آهي. انهيءَ هوندي به جي اوهان جي مرضي هوندي ته اوهان کي اُهي خوشيءَ سان بيان ڪري ٻڌائيندس. مون کي پاڻ ڪڏهن انهن جي ذڪر مان خوشي حاصل ٿيندي آهي، جو ڄاڻندو آهيان ته انهن مصيبتن ۽ مشڪلاتن ڪري، هينئر ايترو سک حاصل ٿيو اٿم، جنهن جي اُنهيءَ وقت اُميد ئي ڪانه هيم.

"شايد اوهان ٻڌو هوندو ته منهنجو پيءُ دولتمند ماڻهو هو، پر هن کي ٻي ڳُڻتي ڪانه هئي. سڪئي آسائش جي گذران ڪري، هن پنهنجي رکيل موڙي ته خرچي ڇڏي، پر پنهنجي زمين به وڪڻي ڇڏي، جا هڪڙي مائٽ خريد ڪئي. پر وري به هُن مرڻ مهل اُها هِن کي ڏني، جو ڪيس ٻيو وارث ڪونه هو. پر منهنجي پيءُ وري به نه سنڀاليو. پاڻ به مئو ته زمين به وري ٻين جي ٿي ويئي.

هن جي عمر پنجيتاليهن ورهين جي هئي. هن جو سارو

ڪتنب، هن جي مرڻ مهل ڪنگال ٿي پيو. هو طبعيت جو ڏاڍو شوخ ۽ چيڙاڪ هو. شايد گهٽي شراب پيئڻ ڪري، هن جو اهڙو حال ٿيو هو. توري گهٽي ڳالهه تي پيو ڪُرڪندو جهرڪندو هو، ۽ ماڻهن سان خفي ٿيندو هو. منهنجي مامي منهنجي ٻانهن هٿ ڪئي، ۽ هو مون کي سنڀالڻ لڳو. هو هڪڙي واپاري جهاز جو ڪپتان هو. آئون ڪيترا ورهيه پنهنجي مامي سان هوس، ۽ سندس شاگرديءَ ۾ رهيس، گهڻيئي تڪليفون ۽ آزمائشون ڏسڻيون پيم.

"هڪڙي مسافريءَ ۾ اسين يونچ سمنڊ مان لنگهيو ٿي وياسين ته موراڪو وٽ ڪناري جي ويجهو اسان جو جهاز لڳي پيو. رات جو وقت هو. سخت طوفان پئي لڳو. اسان سيني ياڻيو ته اجهو ٿا ٻڏون. صبح ٿيڻ سان معلوم ٿيو ته منهنجو مامو .... ۽ گهڻا خلاصي، سخت سيءَ ۽ پاڻيءَ ۾ ڪِرڻ ڪري مري ويا. فقط آئون ۽ ٻيا ٻه ٽي ڄڻا بچياسين. اتي هوا جو زور به ڍرو ٿيو. پوءِ مٿا مونا هٽي، تختن مان ٻيڙي بنائي وچي ڪناري تي پهتاسين.

"اڃا اتي وياسين ته ماڻهن اسان کي قيد ڪري، اُتي جي بادشاهه وٽ وٺي نيو. اسان کي غلام ڪري، ماري ڪُٽي پورهيو ڪرائڻ لڳا. سادو - پادو ڪاڏو ملندو هوسين. اهڙي سختيءَ ۾ منهنجا سنگتي هڪڙو هڪڙو ٿي مري ويا. رڳو آئون وچي بچيس، جو سڀ ڪنهن مصيبت ۾ صبر ۽ تحمل سان رهندو هوس.

"مون کي ٻين قيدين ۽ ٻانهن سان گڏ ڏينهن ۾ ٻارهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو، ۽ هفتي ۾ اڌ ڏينهن ساهي ڪٽڻ جي موڪل

ملندي هئيسون. آئون اتي ڪانهن ۽ لئن مان تڏا ۽ ٽوڪريون جوڙڻ به سکيس. اُهي جوڙي پنهنجي منهن وڪڻندو هوس، جنهن ڪري ٿورا پئسا به گڏ ڪيم، جن مان بهتر کاڌو ۽ ڪپڙو وغيره ورتم.

"تنهن کان پوءِ اسان کي بادشاهه جي باغ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ رکيائون. آئون خوشي سان سڀ ڪم ڪندو هوس، تنهن ڪري مون کي پسند ڪندا هئا. اسان جي مٿان جيڪو داروغو هو، تنهن کي پنهنجو به باغ هو. هن مون کي ڪڏي انهيءَ ۾ رکيو ۽ ٻيو هڪڙو مزور پنهنجي خرچ تي منهنجي جاءِ تي رکي ڏنائين. هو مون کي رواجي نوڪر وانگي شمار ڪندو هو ۽ پگهار به ڏيندو هوم.

"آئون انهيءَ ملڪ جي ٻولي به سکيس، ۽ اهڙو خوش هوس جو جيڪر باقي حياتيءَ جا ڏينهن اتي خوشيءَ ۾ گذاريان ها. هڪڙي رات ڪن بدمعاشن قيدين، پاڻ ۾ منصوبو ڪيو ته داروغي کي ماري سندس گهر ڦري هليا وڃن. آئون باغ جي هڪڙي مَنهه وٽ سمهندو هوس. ڪڙڪي تي جاڳيس ته چار ڄڻا لوڙهو ٽپي داروغي جي گهر ڏي ويندا ڏٺم. ڪوڏر کڻي هنن جي پٺيان لڳس.

"هنن گهر جي هڪڙي پٽ ۾ کاٽ هنيو ۽ ٻه ڄڻا اندر لنگهي پيا ۽ ٻيون به اندر لنگهڻ تي هو ته آئون ڪاهي مٿن ويس. ڪوڏر جي ڌڪ سان هڪڙي کي ته ماري وڌم، ۽ ٻئي کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيم. پوءِ رڙيون ڪرڻ لڳس، جن تي داروغو ۽ سندس

پٽ نڪري آيا. پوءِ اسان تنهي گڏجي باقي ٻن چورن کي پڪڙيو. پر لڙائيءَ ۾ مون کي ڪاتيءَ جو ڏاڍو خراب زخم تي پيو.

"منهنجو ڏٽي دارُوغو ڏاڍو خوش ٿيو. ۽ منهنجي ڏاڍي شڪر گذاري ڪيائين، جو مون هن جو ساهه بچايو هو. منهنجي ڏاڍي سنيال ڪيائين. جڏهن آئون ڇُٽي چڱو ڀلو ٿيس، تڏهن مون کي آزاد ڪيائين. اگرچ پاڻ وٽ رکڻ لاءِ ڏاڍو خواهشمند هو؛ پر مون کي پنهنجي وطن جي سڪ ٿي، تنهن ڪري ويجهي بندر تي آيس ۽ اتان هڪڙي لنگهندڙ جهاز ۾ چڙهي جبرالٽر آيس.

"اُتان آئون انگلنڊ ۾ آيس. پنهنجي وطن جا وڻ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس، پر لهڻ سان مون کي ۽ ڪن ٻين کي، انهيءَ وقت جي دستور موجب زور سان وچي جهازي لشڪر ۾ داخل ڪيائون. اهو ڪم مون کي اڳيئي ايندو هو، سو موراڪو واري غلاميءَ کان پاڻ کي آزاد ٿي سمجهيم. تنهن ڪري خوشيءَ سان انهيءَ ڪاتي ۾ داخل ٿي، پنهنجا سڀ فرض ادا ڪرڻ لڳس. انهيءَ وقت جنگ پئي هلي، تنهن ڪري ائين ٿيو هو. پر سگهوئي صلح ٿيو ۽ مون کي اتان ٻه آزادي ملي ۽ چڱو انعام ٻه مليو.

"اها پنهنجي مُوڙي ساڻ ڪٺي آئون لنڊن ۾ آيس. ايتريون مصيبتون سٺيون هيم، ٻکون ڪڍيون هيم، تنهن ڪري اُهي پئسا اجايا نه وڃايم، ۽ وڃڻ سان اهي ڪنهن بئنڪ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيم. پر اجا مون کي لنڊن جي ٺڳين جي پوري خبر ڪانه هئي. هڪڙي واپاري مون کي لالچائي پاڻ سان ڀائيوار

ڪيو. تورو وقت اسان جو ڏنڊو چڱو هليو. پوءِ اوچتو منهنجو پائيوار گم ٿي ويو. ڪنهن شاهوڪار کان اڌاري رقم وٺي ويو هو، تنهن مون کي هن جو پائيوار ڄاڻي نيئي قيد ۾ وجهايو.

"گهڻائي مٿا هنيم پر منهنجو ضامن ڪونه پيو. لاچار قيد ڪاٽڻو پيم. اتي به مون کي تڏن جوڙڻ جو هنر ڪم آيو. ڏکيا سکيا ڏينهن گذاري، نيٺ قيد مان ڇٽس،پرهڙ ۾پائي به ڪانه هيم. مگر خدا جي مهرباني سان عضوا سڀ صحيح سالم هئم، تندرست ۽ سگهو هوس. سمنڊ جي نوڪريءَ کان ته اڳيئي توبهه ڪئي هيم، تنهن ڪري هڪڙي سڪر ماڻهو وٽ وڃي نوڪر بيٺس.

"اتي مون چڱي محنت ۽ ايمانداري ڏيکاري. کاڌو پيتو، ڪپڙو ڪندي چڱو ملندو هوم. پڳهار به وڌندو ويم. چڱي موچاري رقم گڏ ڪيم. نيٺ پرڻيس. هڪڙو ننڍڙو گهر ورتم، جنهن سان هڪ ـ ٻه ايڪڙ زمين جو ٽُڪر لاڳو هو. زال جي ملڪيت جي مدد سان گهر جو سامان به ورتم، ۽ هڪڙي ڳئون به ورتم. جيڪو فرصت جو وقت بچندو هوم، اُهو زمين تي لڳائيندو هوس. زمين جي پيدائش ۽ ڳئون جي اُپت مان جيڪي ڪمائيندو هوس، تنهن مان چڱو موچارو گذران ڪرڻ لڳس.

"سگهوئي پوءِ خدا ٻارڙو به ڏنو. ٻه ـ ٽي ورهيه ڏاڍو سکيو رهندا آياسين. تنهن کان پوءِ هڪڙي زميندار منهنجي ڏٽيءَ کان ڪنهن محنتي ۽ ايماندار آبادگار جي پڇا ڪئي. انهيءَ منهنجي سفارش ڪئي. آئون انهيءَ زميندار وٽ ويس ۽ هن جي زمين

ڏنيم. مون کي پسند آئي. ساليانيءَ مقاطعي تي مون اها ورتي. هن گهڻي مروت سان مون کي مقاطعو ڏنو. اهو هنڌ لنڊن کان ڏيڍ سؤ ميل پري هو. آئون ٻار ٻچا وٺي، لڏي پلاٽي وڃي اتي رهيس.

"زمين مان گهڻي اُپت ڪڍڻ لاءِ زياده پئسي جي درڪار هئي: ٻاٽي ڪيڙو، ٻاڻ ڏيڻو، لوڙها ڏيڻا ۽ زياده ڍور وٺڻا هئا. لاچار انهيءَ زميندار کان پئسا اڌارا ڪنيم. پوءِ رات ڏينهن زمين تي محنت ڪرڻ لڳس. اتي پوسل هئي، تنهن ڪري اسان جي تندرستي چڱي رهي نه سگهي. آئون پنهنجي زال ۽ ٻارن سوڌو تپجي پيس. ڏينهن جا ڏينهن پيا هئاسين. منهنجن پٽن مان وڏو ويچارو مري ويو. انهيءَ ڏک ۾ منهنجي زال ڏينهن جا ڏينهن بستر نشين هئي.

"تنهن کان پوءِ اسان جي مال ۾ اچي مرض پيو. ڪيتريون ئي رڍون مري ويون. زميندار مهرباني ڪري مون کي مدد ڏني، اسين وري ساڄا ٿياسين، ۽ خوش گذارڻ لڳاسين. اوچتو هڪڙي ڏينهن سخت طوفان لڳو، ۽ مينهن اچي پيو، جنهن ٻوڏ ڪري ڇڏي. اسان جي ٻني سڄي ٻڏي ويئي. گهر کي چوڌاري پاڻي وڪوڙي ويو. ڍور ڍڳا ۽ رڍون ٻڏڻ لڳيون، ۽ گهر جو ٻاگو ڪِري پيو. پاسي ۾ سمنڊ هو، سو ڪاهي اچي انهي پاڻيءَ سان گڏيو. اسان کي ٻڏڻ جو اچي ڊپ ٿيو.

"اهڙي حال ۾ اسان هڪڙي ٻيڙي پاڻ ڏي ايندي ڏٺي، جا اچي اسان جي پنهنءَ دريءَ وٽ بيٺي. اتان ڏاڍي مشڪلات سان اسين ٽپي انهيءَ ۾ پياسين. هڪڙي زال ۽ هڪڙو ڇوڪر جي

مون کي ہنيءَ جي ڪم ۾ مدد ڪندا هئا, سي بہ چڙهيا. ڪپڙا ۽ ٻيا تورا ٽپڙ جي بچائي، ڪِڏي سگهياسين، سي ڪٽي نڪتاسين. سگهو ئي پوءِ ڏٺوسين تہ اهو گهر بہ ڪِري پيو ۽ زمين بہ ٻڏي ويئي.

"اسان جي ڪمبختيءَ وري اچي منهن ڪڍيو. هن ڀيري نہ رڳو آئون اڪيلو هوس، پر زال ۽ ہہ ٻار هئم. حيران ٿيس تہ ڇا ڪريان! پر دل ۾ چيم آئون موراڪو ۾ ڪين آهيان, آزاد آهيان, ۽ چڱن ماڻهن ۾ آهيان، جي مون تي قياس ڪندا: آئون محنتي ۽ تندرست آهيان. خيال ڪري ڪري ارادو ڪيم تہ موٽي پنهنجي ڏٽيءَ وٽ وڃان, جنهن وٽ نوڪر هوس. پر پئسي ڪان سواءِ ٻارن ٻچن سميت اوستائين ڪيئن پهچان؟ آئون تہ اڳي ئي پنهنجي زميندار جو قرضي هوس. هن مون تي قياس ڪيو: نہ رڳو قرض معاف ڪري ڇڏي ڏنائين، پر ٻيا پئسا بہ بخشش ڏنائين.

"ٻاڙي وارن مان بہ ڪن سڪرن اسان کي بخششون ڏنيون. بلڪ جيڪا نوڪرياڻي اسان وٽ هئي، تنهن بہ زور ڪري، اسان کي ڪي ڪجهہ ڏنو، جو هن پاڻ کي اهان جو گهڻو احسانمند ٿي سمجهيو. نيٺ اسين سنبري پنهنجي وڏي مسافريءَ تي نڪتاسين. منهنجي زال پنهنجو ڪيڙ پياڪ ٻار ڪڇ تي ڪنيو، وڏو ٻار مون پٺن تي ڪنيو ۽ ڪپڙن جي هڙ بہ هٿ ۾ ڪنيم. ڏهاڙي تورا ميل پنڌ ڪندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن بار جي خالي گاڏي ڏسي، انهيءَ تي بہ ٽي چڙهياسين.

"هڪڙي ڏينهن: اسان کي هڪڙو زميندار مليو، جو مارڪيٽ

مان تيو، گاڏيءَ تي موتيو ڳوٺ تي ويو. مون کان خبرچار ورتائين. مون سارو حال ڏنس. جڏهن خبر پيس ته آئون باغ ۽ ٻنيءَ جي ڪم مان واقف آهيان، تڏهن مون کي چيائين ته "هڪڙو امير ماڻهو باغ رکائڻ تو گهري، سو گهڻو ڪري توکي رکندو. جي منهنجي گاڏيءَ تي هلو ته اوهان کي چاڙهيو وٺيو هلان؟" مون کي نوڪريءَ جي گهرج هئي، تنهن ڪري مون اها ڳالهه قبول ڪئي.

"هو اسان کي پاڻ سان چاڙهي وٺي هليو، انهيءَ امير جي منشيءَ وٽ وٺي هليو ۽ هن کي سارو حال ڪري ٻڌايائين. منشيءَ، منهنجي ڏٽيءَ کان منهنجي حالت بابت خط لکي پڇيو ـ جڏهن انهيءَ جو جواب آيو، تڏهن هن مون کي هڪڙي باغ جو داروغو ڪري رکيو. هن مون کي ڪي پئسا مدد لاءِ اڳي ڏنا ۽ رهڻ لاءِ جاءِ به ڏنائين. ضروري سامان خريد ڪري، آئون وري پنهنجن ٻارن ٻچن سان سکيو تي وينس.

"مون پنهنجو اهو نئون ڪم اهڙي خوشي ۽ شوق سان شروع ڪيو، جو ڄڻ ته اهو باغ خود منهنجو هو. پوءِ تمام گهڻي محنت ڪرڻ لڳس. منهنجي زال، گهر جي ۽ ٻارن ٻچن جي سنڀال ۾ مشغول رهندي هئي. گهر جي پٺيان هڪڙو زمين جو ٽڪر هو، جو مون کي مليل هو. انهيءَ ۾ آئون فرصت جي وقت باغيچو بنائڻ لڳس، منجهس ميوا ۽ ڀاڄيون پوکيم. منهنجي اڳوٽي ڏٽيءَ، منهنجي باغيچي جي لاءِ پنهنجي باغ مان ڪيتريون نئين عمديون عمديون ڇڪيون موڪليون. مطلب ته باغيچو تمام

عمدو تيو ۽ منجهانئس توري گهٽي پيدائش بہ تيڻ لڳي.

"اتي جي هوا چڱي هئي، تنهن ڪري منهنجي زال ۽ ٻار بہ تندرست رهڻ لڳا. ٻار وڏيرڙا ٿيا تہ مون کي باغ جي ڪم ۾ مدد ڏيڻ لڳا. آئون ڏاڍو خوش ٿيس، خدا جو شڪرانو ڪيم، ۽ چاتم تہ هاڻ آئون مصيبتن کان ڇٽس، پر منهنجي قسمت ۾ ائين ڪين هو. اتي ٽي ورهيہ مس ٿيم تہ منهنجو ڏٽي مري ويو، ۽ هڪڙو جوان ماڻهو انهيءَ جو وارث ٿيو. جو اڳيئي قرض ۾ گرفتار هو، تنهن هڪدم باغ جو ڪم بند ڪرائي ڇڏيو، ۽ نوڪرن نڙن جي ڪڍي ڇڏڻ جو حڪم موڪليائين.

"مون ڀانئيو تہ نوڪري وئي تہ حرڪت ڪانهي، من اهو زمين جو ٽڪر جنهن تي باغيچو رکيو هوم، ۽ اهو ننڍڙو گهر جو اڳوڻي مالڪ مون کي ڏنو هو، سو ڇڏين. پر جيڪو نئون منشي مقرر ٿي آيو، تنهن انهيءَ جي بہ مون کان ڍل يا مسواڙ گهري، جڏهن اُها آئون ڏئي نہ سگهيس، تڏهن هن مون کي ڇڏي وڃڻ لاءِ حڪم ڏنو. جيڪي نوان وڻ مون پنهنجا آٽي اتي رکيا هئا، تن جو ملهہ ۽ عوضو بہ نہ ڏنائين.

"آخر لاچار ٿي مون ارادو ڪيو تہ پنهنجي نئين ڏٽيءَ وٽ لنڊن ۾ وڃي پڪار ڪريان. پنهنجي زال ۽ ٻارن کي في الحال اتي ڇڏي، آئون لنڊن ڏي روانو ٿيس. رستي تي ڪنهن ويندڙ گاڏيءَ تي ويهڻ جي جاءِ مليم. جڏهن لنڊن کي پهچڻ ۾ باقي ٿورا ميل هئا، تڏهن اتفاق سان گاڏي اونڌي ٿي پئي، آئون مٿي پر ڪِري پيس ۽ بيهوش ٿي ويس، ڪنهن کي بہ منهنجي خبر ڪانہ هئي

تہ ڪير آهيان، ڪٿان آيس ۽ ڪيڏي تي ويس. هڪڙي ويجهي ڳوٺ جي مسافر خاني ۾ مون کي وڃي ڇڏيائون.

"اٽڪل پندرهن ڏينهن آئون انهيءَ حال ۾ پيو هوس، پوءِ هوش ۾ آيس. جڏهن خبر پيم تہ ڇا ٿيو آهي ۽ ڪٿي آهيان، تڏهن خيال آيم تہ منهنجي زال ۽ ٻارن جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو، جو هنن کي منهنجي ڪابہ خبر ڪانہ پئي هوندي! ٻين پندرهن ڏينهن ڪان پوءِ مس هلڻ جهڙو ٿيس، ڇا لاءِ جو نہ رڳو مٿي کي ضرب پهتي هيم، پر ڳچيءَ وارو هڏو بہ ڀڄي پيو هوم. پئسا جيڪي ساڻ هئم سي بہ ڪنهن طرح سان گم ٿي ويا. بڇڙي حال ۾ آئون موٽي گهر آيس. اتي اچي ڏسان تہ زال ويچاري بيمار پئي آهي، ٻار پيا روئن ۽ بک جي وڳهي پيا مرن.

"لاچار جيڪو ٿورو گهڻو سامان هوسين، سو وڪڻي ٿورا پئسا پيدا ڪيم، جڏهن زال بهتر ٿي، تڏهن گهر ڇڏي نڪتاسين. پنهنجي باغيچي کي ڇڏڻ مهل آئون ننڍڙي ٻار وانگي روئڻ لڳس. ڀرين دل ۾ آيم تہ ڀيا مفت انهن مان فائدو وٺن، تنهن ڪان وڻ پٽي وڍي ناس ڪري هليو وڃان، پر پوءِ پاڻ کي روڪيم.

"في الحال تہ ڳوٺ ۾ ڪا ٻي جاءِ وٺي وڃي رهياسين. آئون ڀرارڙيءَ ۾ گهمڻ ويس تہ من کو پورهيو لڳيم. انهيءَ وچ ۾ اڳوڻو منشي، پنهنجو حساب صفا ڪرڻ آيو ۽ منهنجي خراب حالت ڏسي، هن کي ڏاڍو ارمان ٿيو. هو سچو ۽ قياس وارو ماڻهو هو. اڳيئي هڪڙي ٻئي امير ماڻهوءَ، هن کي پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکيو هو ۽ ڪنهن پراڻهين هنڌ مقرر ڪري موڪليو هو.

"هن مون کي چيو ته "جي تون وري به مون سان هلڻ گهرين ته هل ته توکي ٻئي هنڌ ويهاريان؟" آئون وڃڻ لاءِ تيار هوس، مگر ٻارن ٻچن وٽي وڃڻ لاءِ پئسو ڪونه هوم. هن کي اڳيئي هن نئين منشيءَ تي چڙ هئي، جو هن مون سان ڏاڍي بي مروتي ڪئي هئي. انهيءَ کي جٺ ڦٺ ڪيائين. تنهن باغيچي جي عيوض مون کي ڪي پئسا ڏنا. پوءِ ٻارن سان آئون اُتان لڏي نڪتس ۽ هتي آيس، جتي اجا تائين رهندو اچان.

"جڏهن آئون هتي آيس، تڏهن هيءَ ساري ٻني جيڪا ڏسو ٿا، سا سجو ميدان لڳو پيو هو. ڏسندي ماڻهوءَ جو هانءُ ڏهيو پئي پيو. هڪڙو ڀڳل ٽٽل گهر مون کي رهڻ لاءِ مليو. پهرين ته آئون مزور ٿي پورهيو ڪرڻ لڳس ۽ زمين کي ٺاهيم. پوءِ ڪي پنهنجي پورهيي مان، ڪي ٻاهرين مدد سان، ٿورو زمين جو ٽڪر ورتم، جو آئون والاريو ويٺو آهيان. گهڻيون تڪليفون ڏٺيم ۽ نقصان سٺم. هڪڙي سال ته مال ۾ مرض پيو، سڀيئون ست ڳئون مري پيم. ٻئي سال ۾ به مزي جهڙا گهوڙا وڃايم. پر آئون صبر ۽ تحمل ڪيو، خدا تي ڀروسو رکيو؛ محنت ڪندو آيس.

"هاڻي هتي رهئي، مون کي گهڻا ورهيه گذريا آهن. ٿورو ٿورو ڪري زمين وڌائيندو ويس، آباد ڪندو ويس، هلت زياده ڪندو ويس ۽ پنهنجي وڏندڙ ڪٽنب کي به سکيو رکندو آيس. منهنجي زال ويچاري، جا هيترين مصيبتن ۾ منهنجي سنگتياڻي ۽ مدد گار هئي، سا اجا تائين جيئري آهي ۽ منهنجي سک ۾ شامل آهي. جهڙا اسين پنهنجي پروردگار جا شڪرگذار آهيون، اهڙا ٻيا

ڪي تورا ماڻهو هوندا. منهنجي ته سائين، اجها اها ڳالهه اٿو. جيڪڏهن اوهان جو پٽ به صبر ۽ تحمل سان محنت ڪرڻ سکندو ته دنيا ۾ سکيو گذاريندو."

مسٽر ڪارلٽن، مسٽر هاربمن جي شڪرگذاري ڪئي، جنهن پنهنجي حياتيءَ جو احوال هنن کي ڪري ٻڌايو. پوءِ هن ڪان موڪلا ئي، پنهنجي پٽ جارج کي ساڻ وٺي، هو گهر آيو. رستي ۾ هن جي ڳالهه منجهان هن کي ڪاوڙ مارڻ، مصيبتن ۽ مشڪلاتن تي صبر تحمل ڪرڻ ۽ محنت ڪرڻ جا سبق سيکاريندو آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو هن ڏٺو ته سندس پٽ سچيءَ دل سان پنهنجي باغ ۾ بيٺو ڪوڏر هڻي، ۽ قتل باغ ٺاهي.

هن ٻيو گلاب جو وڻ آڻي ٻاري جي وچ ۾ رکيو، ۽ باغائيءَ کي چئي، ڪي نوان قلم به هٽايائين، ۽ ڪي نيون چڪيون ميون ۽ گلن جي وٽن جون به آڻي لڳايائين. مطلب ته هڪڙي ڏينهن جي اندر هن محنت ڪري، پنهنجو ٻارو اهڙو سهڻو ٺاهي ڇڏيو، جهڙو اڳي هو. اُهو پنهنجو ڪم ڏسي، جارج پاڻ ته خوش ٿئي ٿيو، پر سندس پيءُ ڪانئس وڌيڪ خوش ٿي ٿيو. جو ڄاتائين ته مسٽر هاربمن جي ڳالهه مان هن گهڻو ئي ڪي پرايو آهي.